# غلط فهميون



# غلط فهميون

( اردو تان ترجمو ٿيل )

تصنيف ۽ تاليف:

**وڪلف اي. سنگهه**

مترجم:

**جي. ڪي. دراني**

**مسيحي ادبي انجمن**

پوسٽ باڪس نمبر 358،

حيدرآباد، سنڌ

E-mail: pbcihyd@yahoo.com

Mobile: 0301-3546751

**مسيحي ادبي انجمن جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ**

چاپو: ........................................... ٽيون

سال: ........................................... **2012**

تعداد : ........................................... **500** سئو

ڪمپوزنگ: ................................ اشرف علي سومرو

ڇپائيندڙ: .................................... **مسيحي ادبي انجمن**

پوسٽ باڪس نمبر 358، حيدرآباد، سنڌ

1990NT (2002 Ed)

2009OT





# پهرين غلط فهمي

## مسيحيت هڪ غير ملڪي مذهب آهي، يعني يورپ کان آيو آهي.

**جواب:** تاريخ جي ورق گرداڻيءَ سان معلوم ٿو ٿئي ته سڀ نبي سڳورا دنيا جي وڏي کنڊ ايشيا ۾ پيدا ٿيا، حضور المسيح مشرقِ وسطيٰ جي مشهور ملڪ فلسطين ۾ تولد ٿيو. پاڻ پنهنجي اصحابين کي حڪم ڏنائون ته ” سڄي دنيا ۾ وڃو ۽ انسانذات ۾ منهنجي خوشخبريءَ جي تبليغ ڪريو.“ ( مرقس 15:16)

حضور المسيح جا شاگرد انهيءَ حڪم جي اطاعت ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا. انهن جي نيڪ ڪوشش جي ڪري ماڻهو هڪٻئي پٺيان مسيحيت ۾



ايندا ويا. اڀرندي جي ملڪن جي پيٽ ۾ اولهندي وارن ملڪن جي ماڻهن گهڻي تعداد ۾ مسيحيت ۾ شموليت ڪئي ۽ مسيح تي ايمان آندو. اوپر جي مخصوص ملڪن جهڙوڪ عراق، ايران، مصر، هندستان ( گڏيل هندستان 1947 کان اڳ جو) ۽ آفريڪا ۾ ڪيترين ئي ڪليسيائون قائم ٿيون.

معلوم ائين ٿو ٿئي، ته برصغير پاڪ ۽ هند ۾ مسيحيت جي اشاعت جو سهرو حضور المسيح جي هڪ شاگرد حضرت توما جي سر تي آهي. روايت آهي ته توما رسول پهرين صدي عيسويءَ ۾ هندستان آيو هو ۽ سندس مناديءَ جي ڪري ڪيترين ئي ڪليسيائون قائم ٿيون. آخرڪار مدراس جي ويجهو شهيد ڪيو ويو. اسين يقين سان چئي سگهون ٿا ته پهرين صدي عيسويءَ ۾ هندستان ۾ مسيحي آباد هئا ۽ ڪليسيائون قائم ٿي چڪيون هيون.

گهڻو ڪري هن غلط فهميءَ جو ڪارڻ هي آهي، ته جڏهن انگريزن هندستان تي قبضو ڪيو ته انهن

پنھنجي مذھب جي تبليغ بہ شروع ڪئي. سو مذھب جي تاريخ ڪان عدم واقفيت جي ڪري عام ماڻھن جي دلين ۾ اھو خيال پيدا ٿيو، تہ پاڪ ۽ ھند ۾ مسيحيت انگريزن ذريعي آئي آھي. ليڪن اھو خيال تاريخ جي روشنيءَ ۾ حقيقت جي خيال ڪان سراسر غلط آھي. مسيحيت ايشيائي مذھب آھي، ھندستان ۾ مسيحيت جون پاڙون يورپِين جي آمد ڪان اڳ ۾ موجود ھيون.



# ٻئي غلط فھمي

## ڇا اھي سڀ ماڻھو جيڪي مسيحي سڏائيندا آھن، سي حضور المسيح جا شاگرد آھن؟

**جواب:** پاڪ انجيل جي تعليم جي مطابق ھر اھو شخص جيڪو مسيحي خاندان ۾ پيدا ٿئي ٿو، سو مسيحي نہ آھي. سچو مسيحي اھو ئي آھي، جيڪو ھي ڄاڻيندي تہ ھو گنھگار آھي، انجيل مقدس جي ان پيغام تي سچيءَ دل سان ايمان آڻي ٿو تہ حضور المسيح گنھگارن کي ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ ھن دنيا ۾ آيو ۽ ھو مسيح کي پنھنجو شخصي ڇوٽڪارو ڏيندڙ جي حيثيت سان قبول ڪري ٿو.

حضور المسيح کي قبول ڪرڻ ڪان پوءِ ھن جي

* حضور عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻيندڙن جي جماعت کي ڪليسيا چئجي ٿيو. (دراني)

زندگيءَ ۾ هي فرق پيدا ٿئي ٿو ته پهرين هو گناهه سان پيار ڪندو هو، مگر هاڻي هو ان کان نفرت ڪري ٿو ۽ گناهه کان بچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. بيشڪ ڪانئس بي خبريءَ ۾ ته گناهه ٿي وڃي ٿو پر پوءِ يڪدم الله تعاليٰ کان انهيءَ جي معافي گهري ٿو، ۽ آئنده گناهه نه ڪرڻ جو عهد ڪري ٿو.

پهرين هو خداوند ڪريم جي عبادت ۽ عزت ته ڪندو هو، مگر اها فقط فرض تصور ڪندي، پر هاڻي هو دل و جان سان الله تعاليٰ جي عبادت ڪندو آهي ۽ هن سان سچي محبت ڪندو آهي. هاڻي هو بديءَ جي بدلي بدي نه ٿو ڪري، بلڪ هميشه نيڪيءَ جي ڳولا ۾ رهي ٿو. حضور المسيح جي سچي شاگرد جي اهائي نشاني آهي.

گهڻو ڪري اهي ماڻهو جيڪي مسيحي سڏائين ٿا، در حقيقت مسيحي نه آهن. انهن جي براين ۽ گناهن سان ڀرپور زندگين مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندن حضور المسيح سان ڪوبه تعلق نه آهي. هو نالي ماتر مسيحي آهن، ۽ حضور المسيح جا شاگرد هرگز ٿي نه ٿا سگهن. اهو ضروري آهي ته حقيقي مسيحين (جيڪي ڳاڻاٽي ۾ تمام ٿورا آهن) ۽ نالي ماتر مسيحين ۾ اسين امتياز ۽ پرک ڪريون، پوءِ اهي ڪٿي يورپين يا آمريڪن يا پاڪستاني ئي ڇو نه هجن.

❊ ❊ ❊ ❊



# ٽئين غلط فهمي

## ڇا مسيحي ٽن خدائن کي مڃيندا آهن؟

**جواب:** اڪثر ڏٺو ويو آهي، ته غير مسيحي عيسائيت جي عقيدي کان واقف نه هئڻ جي ڪري ۽ رڳو ٻڌل ڳالهين تي يقين ڪندي ائين چوندا آهن، ته مسيحي ٽن خدائن کي مڃيندا آهن. پر حقيقت ائين نه آهي، هو هڪڙي ئي خدا جي عبادت ڪندا آهن، جيڪو سڄي جهان جو خالق ۽ مالڪ آهي.

"اهو سڀ ڪجهه خدا اوهان کي انهيءَ لاءِ ڏيکاريو ته جيئن اوهان کي خبر پوي ته خداوند ئي خدا آهي، انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪوبه خدا ڪونهي."

(شريعت جو دور 35:4)

وڌيڪ ڏسو انجيل مقدس تيمٿيس جي نالي پولس رسول جو پهريون خط ٻيو باب پنجين آيت ۾:

" ڇا لاءِ جو خدا هڪڙو آهي ۽ خدا ۽ ماڻهن جو وچ وارو به هڪڙو ئي آهي، يعني عيسيٰ مسيح جيڪو انسان آهي."

البته مسيحي خدا جي ذات ۾ ٽن اقانيمن پيءُ، پٽ ۽ پاڪ روح جا قائل آهن.

(1) هر نهيل شيءِ ۾ ان جي ناهيندڙ جي جهلڪ نظر ايندي آهي. ٻين لفظن ۾ اسان مخلوق کي ڏسي اندازو لڳائي سگهون ٿا ته خالق ڪهڙو آهي ۽ ڪيئن آهي. مثلاً جيڪڏهن علامه اقبال جي بابت ڄاڻڻ چاهيون ته هو ڪيئن ۽ ڪهڙي قسم جو ماڻهو هو وغيره، ته توهين سندس تصنيفن کي پڙهي معلوم ڪري سگهو ٿا. انهيءَ جي معنيٰ ته جيڪڏهن اسين خداوند ڪريم جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيون، ته اسين هن جي جهلڪ سندس تخليق ۾ ڏسي سگهون ٿا.

"ڇاڪاڻ ته جو ڪجھ خدا بابت انسانن کي معلوم ٿي سگهي ٿو، سو سندن لاءِ صاف ظاهر آهي، جو اهو خدا پاڻ انهن تي ظاهر ڪيو آهي. دنيا جي شروعات کان وٺي خدا جون ڏسڻ ۾ نه ايندڙ صفتون، يعني سندس دائمي قدرت ۽ ذات، سندس خلقيل شين مان ظاهر ظهور پيون ڏسجن. تنهنڪري انهن کي ڪو به بهانو نه آهي."

( رومين 1:19-20)

اجرامِ فلڪ ۾ خدا تعاليٰ جي هڪ اعليٰ تخليق سج آهي، جنهن جو هر شخص روزانو مشاهدو ۽ تجربو



ڪندو آهي. سج واحد آهي، پر ان ۾ ڪثرت آهي. سج ۾ روشني آهي، جيڪا سڄي جهان کي منور ڪري ٿي. ان ۾ گرمي آهي، قوت آهي، جيڪا سڀني موجود شين کي زندگي بخشي ٿي. انهيءَ کان سواءِ ڪنهن به زندگيءَ جو قائم رهڻ ۽ بحال ٿيڻ ممڪن ئي نه آهي. روشنيءَ ۽ گرميءَ جي پنيان ڪا شيءِ آهي، جنهن کي سج چوندا آهن. اهي ٽيئي هڪ آهن، انهن ۾ جدائي نه آهي. اهي سج جا ذاتي جوهر آهن ۽ انهن جي گڏيل اتحاد جي بدولت، اهو سج سڏجي ٿو. جيتوڻيڪ اهي جوهر پاڻ ۾ اهڙا ته پيوست ٿيل آهن جو انهن کي جدا ڪرڻ ناممڪن آهي، ته به اهي ٽيئي جوهر پنهنجو جدا جدا اظهار ڪندا آهن. پر جيڪڏهن انهن ٽنهين جوهرن مان هڪ جدا ٿي وڃي، ته سج پنهنجي ذات ۾ مڪمل نه آهي، ۽ پوءِ ان کي سج چئي نٿو سگهجي. بس هاڻي ثابت ٿيو ته سج به ذاتي تثليث کان سواءِ مڪمل نه آهي.

* پراڻي عهدنامي ۾ خدا پنهنجي لاءِ صيغه جمع استعمال ٿو ڪري. "پوءِ خدا چيو، اسين انسان کي پنهنجيءَ صورت تي پاڻ جهڙو جوڙيون" (پيدائش 1: 26) "تنهن ڪري اچو ته اتي هلي سندن ٻوليءَ ۾ مونجهارو وجهون" (پيدائش 11: 7) (هلنڊ)

پر شايد اهو مثال الله تبارڪ وتعاليٰ جي لاءِ ايترو موزون نہ هجي، ڇاڪاڻ تہ هو ذي حيات آهي، مگر سج ۾ زندگي نہ آهي. غالبًا انسان جو مثال جيڪو خداوند ڪريم جي سڀ کان اعليٰ تخليق آهي، انهيءَ کي ڪجھ وڌيڪ مڪمل طرح سان بيان ڪري ٿو. انسان واحد آهي، مگر هن ۾ روح، جسم ۽ جان (نفس) ٽيئي شيون موجود آهن. پر جيڪڏهن انهن ٽن مان ڪنهن بہ هڪ کي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ پوءِ زندگيءَ تان ئي هٿ ڌوئڻا پوندا. ڇا روح انسان آهي؟ ڇا جان (نفس) کي ماڻهو چئون ٿا؟ نہ. اهي سڀ ملي ڪري هڪ انسان ٿهي ٿو. هڪ ۾ ٽي آهن ۽ ٽن ۾ هڪ. وحدت ۾ ڪثرت آهي، ۽ ڪثرت ۾ وحدت.

(2) مسيحن جي تثليث في التوحيد جي عقيدي جو بنياد ڪلامِ مقدس تي آهي.

”خداوند فرمائي ٿو تہ، ’رڳو آءُ‘ ئي خدا آهيان، هائو، آءُ‘ ئي اول ۽ آءُ‘ ئي آخر آهيان‘ ... هاڻي قادرِمطلق مون تي

• انهن ٻين آيتن ۾ لفظ ”اسين ۽ اچو“ جمع ۾ آيا آهن، ڪتاب مقدس جي تعليم آهي تہ واحد خدا ۾ ٽي اقانيم آهن، هي هڪ اهڙي تعليم آهي، جيڪا خاص ڪري الاهي مڪاشفي جي ذريعي حاصل ٿئي ٿي. هي تعليم قدرت جي عجائب سان ظاهر دريافت ڪري سگھجي ٿي.



پنهنجو روح نازل ڪري مون کي هي پيغام ڏيئي اوهان ڏانهن موڪليو آهي.“

( يسعياه 48:12،16)

( هن آيت ۾ پاڪ روح جي شخصيت جو اشارو ملي ٿو.)

پراڻي عهد نامي (توريت، زبور ۽ نبين جا صحيفا) ۾ تثليث في التوحيد کي فقط اشاري طور بيان ڪيو ويو آهي، پر نئين عهد نامي يعني انجيل شريف ۾ انهيءَ کي صاف کولي بيان ڪيو ويو آهي. مثلاً حضور المسيح جي بپتسما وٺڻ وقت پاڪ روح ڪبوتر جي شڪل ۾ نازل ٿيو، ۽ پيءُ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ ” هي منهنجو پيارو فرزند آهي.“ ( ڏسو متي 3:16-17) پوءِ پاڻ حوارين کي حڪم ڏنائون تہ ايمان آڻڻ وارن کي ”پيءُ، فرزند ۽ پاڪ روح جي نالي تي بتسما ڏيو.“ (متي 28:19 )

هتي هيءَ ڳالھ غور ڪرڻ جي لائق آهي تہ ”نالن“ تي نہ پر ” نالي “ تي بپتسما ڏيو. ان مان ظاهر ٿيو تہ ذات باري تعاليٰ جي وحدت ۾ ڪثرت آهي.

تثليث في التوحيد جو مسيحي عقيدو عقل جي ابتڙ نہ آهي، ڇا لاءِ تہ ڪابہ وحدت ڪثرت کان سواءِ مڪمل نہ آهي. جيڪڏهن توهين خداوند ڪريم جي تخليق تي گهري نظر وجهو تہ توهان تي روشن ٿي ويندو تہ ان ۾ وحدت جي باوجود ڪثرت بہ ملي ٿي، ۽ اها ئي بائيبل مقدس جي تعليم

آهي. تنهنڪري مسيحي پنهنجي مشاهدي ۽ مقدس ڪتاب جي تعليم جي بنياد تي اهو ايمان رکڻ ۾ حق بجانب آهن تہ ذات باري تعاليٰ جي وحدت ڪثرت کان سواءِ ممڪن نہ آهي.

تنهن هوندي بہ محدود انسان لامحدود خدا جي ذات اقدس کي پوريءَ طرح سمجهڻ جي قابل نہ آهي. انسان اهو نٿو ڄاڻي سگهي، تہ الاهي توحيد ۾ ڪثرت ڇو آهي. انساني عقل، انساني حڪمت ۽ انساني دانائي خدا جي ذات کي پوريءَ طرح ڪڏهن بہ سمجهي نہ ٿيون سگهن، پر جيڪڏهن ڪو ائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ان جو نتيجو پڪ سان ڪفر جي صورت ۾ نروار ٿيندو. انهيءَ حقيقت کي بائيبل مقدس هيئن بيان ڪيو آهي.

" ڇا تون خدا جي ڳجهين ڳالهين کي سمجهي تو سگهين؟ ڇا تون قادرِمطلق جي راز کي معلوم ڪري تو سگهين؟ هرگز نہ، اهي ڳالهيون آسمان کان بہ مٿانهيون آهن، تون انهن کي ڇا سمجهي سگهندين؟ اهي تہ پاتال کان بہ اونهيون آهن، تون انهن کي ڇا ڄاڻي سگهندين؟"

(ايوب 11:7-8)

انسان، الله تعاليٰ جي باري ۾ فقط اوترو ئي ڄاڻي



سگهي ٿو، جيترو خدا پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪيو هوندو. اسين مسيحي الاهي ذات جي ڳجهہ جي باري ۾ فقط انهن ڳالهين تي ايمان رکندا آهيون، جيڪي خدا پاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ اسان تي ظاهر ڪيون آهن. توڻي جو اسين ان کي سٺيءَ طرح نہ ٿي سمجهندا هجون، تڏهن بہ ان ڳجهہ کي ايمان سان قبول ڪندا آهيون. جيئن تہ پهريون بيان تي چڪو آهي تہ خدا تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ اسان تي روشن ڪري ڇڏيو آهي تہ هو واحد آهي ۽ ٽي اقنوم آهن، جيڪي پيءُ، پٽ ۽ پاڪ روح جي نالي سان نامزد آهن. اهي پنهنجي ذات ۽ صفتن ۾ يڪسان ۽ برابر آهن ۽ ابدي ۽ دائمي آهن.

حضور المسيح جي زندگيءَ جي اپياس مان بہ الاهي ذات جي باري ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ معلوم ٿي سگهي ٿو، ڇو تہ مسيح الله تعاليٰ جو پر اسرار مظهر آهي. انجيل شريف ۾ لکيل آهي تہ:

"ڪنهن بہ ماڻهوءَ خدا کي ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو آهي، پر سندس اڪيلي ئي فرزند، جيڪو سندس پاسي ۾ آهي، تنهن ئي کيس ظاهر ڪيو آهي."

( يوحنا 1:18)

حضور المسيح انهن سيني تي خداوند ڪريم کي (پيءُ کي) ظاهر ڪندو جيڪي گناهہ کي ترڪ ڪري ڪلام مقدس ڏانهن رجوع ڪندا ۽ سندن نيت اها هوندي تہ جيڪو ڪجهہ ڪلام پاڪ ۾ ذات باري تعاليٰ پنهنجي بابت ظاهر ڪيو آهي، اهي انهيءَ کي قبول ڪندا.

اسان جي درخواست آهي تہ توهين خدا جي ڪلام کي خاص ڪري نئين عهدنامي يعني انجيل مقدس کي پڙهو تہ جيئن ان ڀيد کي تہ هڪڙي خدا ۾ ٽي اقنوم يعني پيءُ، فرزند ۽ پاڪ روح آهن، پوري طرح سمجهي سگهو.

✻ ✻ ✻ ✻



# چوٿين غلط فهمي

**چا مسيحي (عيسائي) حضرت عيسيٰ مسيح کي الله تعاليٰ جو فرزند ڪري مڃيندا آهن، جڏهن تہ الله تعاليٰ کي نہ زال آهي ۽ نہ هن ڪنهن کي ڄڻيو آهي، نہ ڪنهن مان ڄڻيو ويو آهي؟**

**جواب:** اسان جي روزاني ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ لفظ ”پٽ“ نہ فقط والدين پنهنجي ٻار کي چون ٿا يا سڏين ٿا، پر انهيءَ کان سواءِ بہ لفظ ”پٽ“ ٻين ماڻهن جي لاءِ ڪتب اچي ٿو، ۽ اچي سگهي ٿو. مثلاً زمانہ ساز جو لفظ آهي، ان کي اسين ابن الوقت يعني وقت جو پٽ بہ چئي سگهون ٿا ۽ عمومًا ائين چيو وڃي ٿو. ٻيو لفظ ”مسافر“ آهي جنهن کي ابن سبيل * يعني ”رستي جو پٽ“. هڪ مثال هيءُ بہ

* مشرق وسطيٰ ۾ مسافر جي لاءِ اين ابن السبيل چيو وجي ٿو، مگر اسان وٽ ائين چوڻ جو رواج نہ آهي.

آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص چوٽيءَ کان وٺي ننهن تائين يعني مٿي کان پيرن تائين لفنگو ۽ بدمعاش هجي، تہ اهڙي فرد کي " ابليس جو فرزند " چوندا آهن.

هاڻي سوال هي آهي تہ ڇا ڪوبہ ٻڌڻ وارو ائين سمجهندو تہ اهو فرد جنهن کي اهو نالو ڏنو ويو آهي، سو ابليس جي تخم ۽ سندس زال جي بطن مان پيدا ٿيو هوندو؟ نہ، اصل نہ. يا وري جيڪڏهن ڪنهن کي "ابو جهل" چئي سڏيو وڃي، تہ ڇا جهالت کي زال جو هجڻ ضروري نہ آهي، ورنہ هو ڪيئن ڄائو. بائيبل مقدس ۾ بہ لفظ پٽ يا فرزند مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيو آهي، مثلاً:

(1) " بني اسرائيل منهنجو پٽ آهي، بلڪ پهريتو پٽ آهي."

( توريت، خروج 22:4)

(2) " اوهين خداوند پنهنجي خدا جا ٻار آهيو."

( توريت، شريعت جو دور 1:14)

(3) " شرارت جا پٽ" (عبراني جو لفظي ترجمو، سنڌي ترجمي ۾ 'بدڪار ماڻهو')

(2- سموئيل 10:4)

(4) " صيون جا سڪيلڌا پٽ" (عبراني جو لفظي ترجمو، سنڌي ترجمي ۾ 'رهاڪو')

(يرمياه جون زاريون 2:4)



(5) " سلامتيءَ جو پٽ" (يوناني جو لفظي ترجمو، سنڌي ترجمي ۾ 'سلامتيءَ جو طالب')

(انجيل شريف لوقا جي معرفت 6:10)

(6) " هلاڪت جو پٽ" (يوناني جو لفظي ترجمو، سنڌي ترجمي ۾ 'جيڪو برباد ٿيڻو هو')

(انجيل شريف يوحنا جي معرفت 12:17)

(6) " اي شيطان جا پٽ! "

( انجيل شريف رسولن جا ڪم 10:13)

بس هاڻي اسين ان نتيجي تي پهچون ٿا، تہ "پٽ" فقط انهيءَ کي ئي نہ چيو ويندو آهي، جيڪو بشري ميلاپ سان پيدا ٿيندو آهي، پر هي لفظ مجازي ۽ حقيقي معنائن جي درميان تشبيهہ جي طور بہ ڪتب اچي ٿو يا وري مجازي طرز بيان لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿو. ان اعتراض مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ حضور المسيح جي "ابن الله" جي لقب مان هي سمجهيو ويو آهي، تہ هو انهن معنائن ۾ الله تعاليٰ جو فرزند آهي، جهڙي طرح اسين سڀ پنهنجي والدين مان پيدا ٿيا آهيون، عيسائيءَ جي لاءِ اهو ڪفر آهي.

مسيحي حضور المسيح کي فقط روحاني معنيٰ ۾ "خدا جو پٽ " ڪري مڃيندا آهن، ڇو تہ مسيح الاهي ذات ۾

تثليث جو ٻيو نمبر اقنوم آهي.

خدا پنهنجي فرزند ۽ اسان جي ڇوٽڪارو ڏيندڙ جي بابت واعدو ڪيو هو:

”اها خوشخبري سندس فرزند ۽ اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح بابت آهي، جيڪو جسماني طرح تہ دائود جي نسل مان پيدا ٿيو، پر روحاني طرح يعني پنهنجي روح جي پاڪيزگيءَ جي لحاظ کان هو خدا جي وڏيءَ قدرت وارو فرزند ثابت ٿيو، جڏهن هو مئلن مان وري جيئرو ٿي اٿيو.“ ( رومين 1:3-4)

انهيءَ لقب جو سڀ کان وزنائتو مطلب اهو آهي، جيڪو انهن حوالن مان بخوبي عيان آهي.

”پوءِ پطرس چيس تہ ’ اي خداوند! جيڪڏهن تون آهين تہ مونکي حڪم ڏي تہ آءُ پاڻيءَ تي هلي تو وٽ اچان‘....... تنهن تي جيڪي ٻيڙيءَ ۾ هئا تن ڪيس سجدو ڪندي چيو تہ ’بيشڪ تون خدا جو فرزند آهين.‘ “

(متي 28:14،33)

” تنهن تي شمعون پطرس وراڻيو تہ ” تون مسيح، زنده خدا جا فرزند آهين.‘ “ (متي 16:16)

”جڏهن فريسي اچي گڏ ٿيا تہ عيسيٰ انهن کان پڇيو تہ، ’اوهين مسيح بابت ڇا ٿا ڄاڻو، هو ڪنهن جي اولاد مان آهي؟‘ انهن وارڻيو تہ ’هو دائود جو اولاد آهي.‘ تنهن تي عيسيٰ چين تہ ’پوءِ ڪيئن دائود پاڪ روح جي هدايت سان هن کي خداوند ٿو سڏي؟ ڇاڪاڻ تہ دائود پاڻ چيو آهي تہ:

’خداوند منهنجي خداوند کي چيو تہ
تون منهنجي ساڄي پاسي ويهہ
جيستائين آءُ تنهنجي دشمنن کي
تنهنجي پيرن هيٺان نہ ڪريان.‘

جيڪڏهن دائود هن کي ’خداوند‘ ڪري ٿو سڏي تہ پوءِ مسيح ڪيئن هن جو اولاد ٿي سگهي ٿو؟‘ ڪو بہ هن کي جواب ۾ هڪ لفظ بہ چئي نہ سگهيو، نڪي انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڪنهن کي بہ ڪانئس وڌيڪ سوال پڇڻ جي همت ٿي.“

( متي 22:41-46، وري ڏسو متي 21:37-46)

انجيل مقدس جي مٿين حوالن مان اهو صاف ظاهر آهي تہ حضور المسيح پاڻ اعلان طور چيو تہ آءُ روحاني معنيٰ ۾ خدا جو فرزند آهيان ۽ خدا منهنجو پيءُ آهي. انهيءَ ڪري يهودي ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ هٿ ڌوئي پويان لڳا. يهودين چيو تہ

”اسين تو کي ڪنهن چڱي ڪم ڪرڻ ڪري

سنگسار نہ ٿا ڪريون پر ڪفر بڪڻ ڪري، ڇا لاءِ جو تو انسان ٿي ڪري پاڻ کي خدا سڏايو آهي.“

(يوحنا 33:10)

”هن ڳالهہ جي ڪري تہ يهودي هيڪاري ڪيس مارڻ جا وجهہ ڳولڻ لڳا، ڇاڪاڻ تہ هن نہ رڳو سبت * تي ڀڳو بلڪ خدا کي پنهنجو پيءُ سڏي پاڻ کي خدا جي برابر ٿي ڪيائين.“ ( يوحنا 18:5)

انهيءَ سبب ڪري يهودين مسيح کي صليب تي چاڙهيو، ملاحظ ڪريو:

” جڏهن ڏينهن ٿيو تہ يهودين جا بزرگ، سردار ڪاهن ۽ شريعت جا عالم اچي گڏ ٿيا ۽ ڪائونسل جي اڳيان پيش ڪيو ويو ....... انهن سڀني چيو تہ ’پوءِ تون خدا جو فرزند آهين ڇا؟‘ هن جواب ۾ چين تہ ’اوهين پاڻ چئو ٿا تہ آءُ‘ آهيان‘ تنهن تي انهن چيو تہ ’اسان کي ڪنهن بہ شاهديءَ جي ضرورت نہ آهي. اسان پاڻ سندس واتان ٻڌو آهي. “

( لوقا 71,70,66:22 )

ڪلام مقدس ۾ هڪ ٻئي هنڌ بہ آيو آهي، ملاحظ ڪريو:

* سبت يهودي مذهب ۾ مقدس ڏينهن آهي، ان ڏينهن تي فقط آرام ۽ عبادت ڪئي ويندي آهي.



” پلاطس هڪ دفعو وري ٻاهر آيو ۽ ماڻهن کي چيائين تہ ’اِجهو، آءُ‘ هن کي ٻاهر اوهان وٽ وٺي ٿو اچان........ تنهن تي يهودين زور ڀري چيو تہ ’اسان کي شريعت آهي ۽ ان موجب هو موت جي لائق آهي، ڇالاءِجو هن خدا جو فرزند هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي.“

( يوحنا 19:4-7)

حضور المسيح جي ان دعويٰ ۾ تہ ” هو الله تعاليٰ جو فرزند آهي“ ان ۾ هڪ مخفي اشارو هو تہ مسيح تثليث في التوحيد جي اقنوم ثاني هجڻ جي ڪري خدا آهي. يهودي رهنما اهو ڀليءَ ڀت سمجهندا هئا، وري سندس ڪم ۽ تعليم جي تصديق ڪندا هئا، مثلاً پاڻ فرمايائين تہ:

”جيئن پيءُ مئلن کي جياري ڪين زندگي ڏئي ٿو، تيئن فرزند بہ جنهن کي وڻيس تنهن کي زندگي ڏئي ٿو. پيءُ پاڻ ڪنهن جو بہ فيصلو نہ ٿو ڪري، بلڪ هن پنهنجي فرزند کي فيصلي ڪرڻ جو پورو اختيار ڏئي ڇڏيو آهي.“

( يوحنا 5:21-22)

عدالت ڪرڻ ۽ زندگي بخشڻ الاهي ڪم آهن، مسيح دعويٰ ٿو ڪري تہ انهن ڪمن جو مڪمل ۽ پورو پورو اختيار مون کي آهي. اها فقط دعويٰ ئي نہ هئي پر پاڻ عملي طور تي بہ انهيءَ جو اظهار ڪيائون، ملاحظ ڪريو جتي مسيح پاڻ چيو:

" ڪي ماڻھو ھڪ اڌرنگيءَ شخص کي چئن ماڻھن کان کڻائي وٽس آيا .... عيسيٰ انھن جو ايڏو ايمان ڏسي انھيءَ اڌرنگي شخص کي چيو تہ "پٽ، تنھنجا گناھ بخشجي ويا." پر اتي ڪي شريعت جا عالم ويٺا ھئا، سي پنھنجين دلين ۾ دليل ڊوڙائڻ لڳا تہ "ھي ماڻھو ائين چو ٿو چوي؟ ھي تہ ڪفر ٿو بڪي، ڇالاءِجو خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ گناھ بخشي نہ ٿو سگھي." عيسيٰ ھڪدم انھن جي دلين جي دليلن کي ڄاڻي ورتو، سو کين چيائين تہ "چو اوھين پنھنجين دلين ۾ اھڙا دليل ڊوڙايو ٿا؟ " ڇا اھو سولو آھي تہ اڌرنگي ماڻھوءَ کي چئجي تہ 'تنھنجا گناھ بخشجي ويا' يا ڪيس چئجي تہ 'اُٿ، پنھنجو کٽولو کڻ ۽ گھمر ڦر؟' پر آءٌ اوھان تي ثابت ڪندس تہ ابن آدم کي دنيا ۾ ماڻھن جي گناھ بخشڻ جو اختياري مليل آھي." سو عيسيٰ اڌرنگي شخص کي چيو تہ 'آءٌ' توکي چوان ٿو تہ پنھنجو کٽولو کڻ ۽ گھر ھليو وڃ.' سيني ماڻھن جي ڏسندي ئي ھو اٿي بيٺو، پنھنجو کٽولو کنيائين ۽ تڪڙو تڪڙو ھليو ويو. ھو سڀئي ڏاڍا حيران ٿي ويا ۽ خدا جي واکاڻ ڪندي چيائون تہ 'اسان ڪڏھن بہ اھڙي ڳالھ نہ ڏٺي آھي!"

( مرقس 12-3:2)



يھودي مذھبي پيشوائن درست چيو ھو تہ " خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ گناھ بخشي نہ ٿو سگھي. "

حضور المسيح پيدائش جي لحاظ کان الله سائين جو فرزند نہ آھي، پر انھيءَ ڪري تہ "مسيح" پاڻ تثليث في التوحيد جو ٻيو اقنوم آھي. بس مسيح ازل کان فرزند آھي، اھو ئي سبب آھي، تہ جڏھن پاڻ زمين تي ھو، تہ ھن پاڻ کي زمين تي پرديسي ظاھر ڪيو. مسيح آسماني آھي ۽ انسان زميني: مسيح جو وطن ھي ۽ زمين نہ آھي. تنھنڪري پاڻ فرمايائون تہ " اوھين ھيٺ جا آھيو، پر آءٌ' مٿان آيو آھيان. اوھين ھن دنيا جا آھيو، پر آءٌ' ھن دنيا جو نہ آھيان."

(يوحنا 23:8)

مسيح پيءُ (خدا) مان آھي ۽ جيئن پيءُ ازلي ۽ ابدي آھي مسيح بہ ازلي ۽ ابدي آھي. اھو ئي سبب ھو جو پاڻ يھودي اڳواڻن کي چيائون تہ:

" ابراھيم جي جمڻ کان بہ آءٌ' اڳي آھيان." (يوحنا 58:8)

" آءٌ' ۽ پيءُ ھڪ آھيون" (يوحنا 30:10)

" جنھن بہ مون کي ڏٺو آھي، تنھن پيءُ کي ڏٺو آھي."
(يوحنا 9:14)

انهيءَ جو مطلب هي آهي تہ جڏهن اسين حضور المسيح کي ڄاڻون ٿا ۽ مٿس ايمان آڻيون ٿا، تڏهن اسين حق تعاليٰ کي ڏسون ٿا ۽ ايمان آڻيون ٿا. ٻين لفظن ۾ ڪٿي ائين چئجي تہ جڏهن اسين مسيح کي جيڪو آسماني ۽ ازلي آهي ڏسون ٿا تہ اسان کي مسيح ۾ الله تعاليٰ جو ظهور نظر اچي ٿو. پاڻ مظهر خدا آهي ۽ اهو ئي فرزند جو مطلب آهي.

حضور المسيح جو مجسم ٿي دنيا ۾ اچڻ جو تمام وڏو راز آهي، اهو راز آهي تہ سندس ذات اقدس ۾ قادر مطلق خدا بشري جامو پاتو. ملاحظہ ڪريو يوحنا 1:1 ۽ 14 آيتون :

” دنيا جي شروعات کان اڳي ئي ڪلام موجود هو، ڪلام خدا سان هو ۽ ڪلام خدا هو......... ڪلام انساني صورت ۾ آيو ۽ اچي اسان سان گڏ رهيو. اسان سندس جلوو ڏٺو، جيڪو هن کي پيءُ جي هڪڙي ئي فرزند هئڻ ڪري مليو ۽ هو فضل ۽ سچائيءَ سان ڀرپور هو.“

اڪثريت وارا پڻ حضرت عيسيٰ مسيح کي ”ڪلمت الله“ يعني خدا جو ڪلام چوندا آهن. ڪنهن بہ شخص جي ڪلام ۽ وات جي ڳالهين مان معلوم ٿيندو آهي تہ جنهن جي باري ۾ ڳالهايو وڃي ٿو، تنهن جي شخصيت جي دل جو ۽ دماغي حالتن جو اهي پتو ڏينديون



آهن. اسين ٻين کي انهن جي ڳالهين ۽ سندن تحريري ڪلام مان سمجهي سگهون ٿا. هن طريقي سان اسين خدا جي متعلق بہ ڄاڻي سگهون ٿا يعنيٰ هن جو تحريري ڪلام کي جنهن کي اسين بائيبل مقدس سڏيون ٿا. اسين حضور المسيح جي شخصيت مان جيڪو قادر مطلق خدا جو زنده ۽ مجسم ڪلام آهي سندس الوهيت جي راز کي ڪجھ نہ ڪجھ سمجهي سگهون ٿا.

توهان کي اهو علم اڳئي آهي، تہ خالق ۽ مخلوق ۾ زمين ۽ آسمان جيترو فرق آهي. انهن ٻنهي جي وچ ۾ گناھ هڪ وڏو خال آهي ۽ انهيءَ وسيع خال کي انسان عبور ڪري الله تعاليٰ سان ملي نٿو سگهي. بس خدا انهيءَ خال تي پل ٻڌڻ لاءِ حضرت مسيح جي صورت ۾ مجسم ٿيو، تہ جيئن انسان هن سان ملي سگهي. ياد رهي تہ لامحدود خدا پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪرڻ اسان جي علم ۽ سمجھ آهر هوندو آهي. يعني جيستائين اسان جو علم ۽ اسان جي سمجھ پهچي سگهن ٿا، خدا اوستائين پنهنجو پاڻ کي انسان تي ظاهر ڪندو آهي.

هاڻي جڏهن ڪو اهو سوال اٿاري تہ الاهي ذات ۽ انساني ذات جو اجتماع ڪيئن ممڪن آهي؟ تڏهن اسان جو جواب هي آهي تہ انسان ۾ روح ۽ جسم يعني فاني

۽ غير فاني جو باهمي اجتماع ڀلا ڪهڙيءَ طرح ممڪن آهي؟ جيڪڏهن فاني ۽ غير فاني جو پاڻ ۾ گڏ ٿيڻ ممڪن آهي ته پوءِ ڇا ابدي خدا مجسم ٿيڻ تي قادر نه آهي، ته جيئن انسان جي لاءِ گناهن جي معافيءَ جي راه ڪڍڻ واري مقصد کي پورو ڪري سگهي؟ قادر مطلق خدا ساري دنيا جو خالق ۽ مالڪ پنهنجي لاءِ محدود دانائيءَ ۽ پيش بينيءَ سان جيڪي ڪجھ چاهي ان کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ قادر آهي. جيتوڻيڪ اسان انهن ڳالهين کي پوريءَ طرح سمجهي نٿا سگهون، ته به اسان جو انهن تي ايمان آڻڻ لازمي آهي، ڇو ته خدا انهن کي پنهنجي ڪلام مقدس ۾ ظاهر ڪيو آهي.

انجيل مقدس مان اسان کي اهو به علم حاصل ٿئي ٿو ته خداوند مسيح جي الاهي ذات ۽ انساني ذات (انسانيت) ۾ اهڙو ڳانڍاپو آهي جو نه ئي انسانيت (بشريت) الوهيت ۾ ڦري ٿي ۽ نه ئي الوهيت جي انسانيت سان گڏ سڏ ٿيڻ جو امڪان آهي. ٻه فطرتون، هڪ الاهي ۽ ٻيو انساني، هڪ اهڙي لاثاني ۽ سمجھ ۾ نه ايندڙ شعور جي ڳانڍاپي ۾ ٻڌيون ويون آهن، جيڪي پاڻ ۾ ملي هڪ ذات بڻجي ويون آهن. جن ۾ شعوري ۽ ذهني قوتون يعني قوت ذهني ۽ قوت ارادو گڏيل انساني



۽ الاهي صفتن جو مجموعو آهن. عيسائين جو ايمان آهي ته حضرت عيسيٰ مسيح جيڪو ڪامل خدا به آهي ته ڪامل انسان به آهي. ڪامل انسان جي صورت ۾ پاڻ بلڪل بيگناه هو ۽ هميشه اهڙا ڪم ڪندو رهيو جي سندس آسماني پيءُ کي پسند ايندا هئا. الوهيت جي پوري پرائپ ۽ زندگيءَ جي باني هجڻ سبب ممڪن ئي نه هو ته حضور المسيح موت جي قبضي ۾ رهي ها. ائين پاڻ زندگيءَ جو شهزادو ٽئين ڏينهن موت ۽ عالم ارواح جون چاٻيون پنهنجي هٿ ۾ وٺي، مئلن مان زنده ٿيو ۽ انهيءَ کي جنهن کي موت تي قدرت حاصل هئي، يعني ابليس کي مغلوب ڪري ڇڏيو. موت تي سو پارو ٿي هاٽي پاڻ (مسيح) انهنَ سيني کي جي مٿس ايمان آڻين ٿا تن کي مئلن مان جيئاري هميشه جي لاءِ پاڻ سان گڏ رهائيندو.

”خدا جي پٽ“ وارو لقب جيڪو حضور المسيح لاءِ ڪتب آندو ويو آهي، تنهن کي هيٺئين بيان جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ گهرجي، پر ان لقب جي ڪنهن به صورت ۾ نفساني، جسماني يا دنيوي معنيٰ اصل وٺڻ نه گهرجي.

خدا جو فرزند ازل کان ائين هلندو اچي ٿو. پيءُ خدا ۽ روح القدس سان ذات، صفات ۽ ابديت ۾ برابر آهي. هن جي وسيلي سڀ شيون پيدا ٿيون ۽ جڏهن وقت پورو ٿيو ته مسيح خدا جي معرفت هڪ عورت مان پيدا ٿيڻ جي لاءِ هن دنيا ڏانهن موڪليو ويو، ته جيئن مسيح انهيءَ بدن کي اختيار ڪري جيڪو سندس لاءِ تيار ڪيو ويو هو. انجيل شريف جي لفظن ۾ ملاحظه ڪريو:

” پر جڏهن وقت پورو ٿيو ته خدا پنهنجو فرزند موڪليو جيڪو عورت جي پيٽان پيدا ٿيو ۽ شريعت جي ماتحت پيدا ٿيو.“

(گلتين 4:4)

” تنهنڪري ئي مسيح دنيا ۾ اچڻ مهل چيو ته ’ تو قرباني ۽ نذراني کي نه چاهيو، پر تو منهنجي لاءِ هڪڙو بدن تيار ڪيو.‘ “

(عبراني 5:10)

مسيح پاڻ پنهنجي جان ڪفاري طور پيش ڪري انهن کي ڇڏائڻ لاءِ آيو، جيڪي گناهه ڪرڻ جي سببان موت جي سزا جي ماتحت هئا. الله تعاليٰ کي انسان سان ڪهڙي نه محبت آهي، جو هو انسان جي خاطر ايترو ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.



” ڇالاءِ جو خدا دنيا سان ايترو ته پيار ڪيو، جو هن پنهنجو هڪڙوئي فرزند ڏنو ته جيڪو به مٿس ايمان آڻي سو برباد نه ٿئي پر کيس دائمي زندگي ملي. خدا پنهنجو فرزند دنيا ۾ انهيءَ لاءِ نه موڪليو ته هو دنيا کي سزا ڏئي، پر انهيءَ لاءِ موڪليائين ته هن جي ئي وسيلي دنيا کي ڇوٽڪارو ملي. جيڪو به مٿس ايمان آڻي ٿو تنهن کي سزا نه ٿي ملي، پر جيڪو ايمان نه ٿو آڻي تنهن کي ته سزا اڳي ئي ملي چڪي آهي، ڇالاءِجو هن خدا جي اڪيلي فرزند تي ايمان نه آندو.“

(يوحنا 18-16:3)

❊ ❊ ❊ ❊

# پنجين غلط فهمي

## ڇا بائيبل مقدس ۾ اڪرن جي ردوبدل ۽ ڦير ڦار ٿي چڪي آهي، ايستائين جو اهو اصلي بائيبل مقدس نہ رهيو آهي، جيڪو الله تعاليٰ آسمان مان نازل ڪيو هو؟

**جواب**: هي هڪ عام غلط فهمي آهي جيڪا [illegible] ڪندڙ گهڻو ڪري بائيبل مقدس تي لڳائيندا آهن. جيڪڏهن اها دعويٰ صحيح ثابت ڪجي تہ ڏاڍي خاص ڳالھ ٿيندي. اسان ڪي سڀ ڪان پهريائين هيءَ ڳالھ معلوم ڪرڻ گهرجي تہ مخالفت ڪندڙن جي تحريف (ڦير ڦار) مان ڇا مراد آهي. ڇا انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ ڄاڻي واڻي بائيبل مقدس جي تعليم بدلائي وئي آهي يا وري چند آيتون ۽ چند لفظ ڦيرايا ويا آهن؟

اسين هتي سڀ ڪان پهريان هي ٻڌائڻ ضروري ٿا سمجهون تہ بائيبل مقدس ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڦير ڦار



يا ردو بدل نہ ڪئي وئي آهي، ۽ نہ ئي ان ڳالھ جي ڪا ضرورت آهي. ڪاتب ڪان ڪتابت جي يا پروف ڏسندڙن ڪان پروف وغيره جي غلطي ٿي سگهي ٿي. اهڙيون غلطيون هرهڪ ڪتاب ۾ ٿي سگهن ٿيون. پوءِ چاهي اهو آسماني ڪتاب هجي يا دنيوي. ڪوبہ مسيحي الله جي ڪلام بائيبل مقدس ۾ تحريف جي جرئت ڪري نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ بائيبل مقدس ۾ الله سائينءَ سخت تاڪيد ڪئي آهي. ملاحظه ڪريو:

”جنهن بہ ڳالھ جو آءُ اوهان کي حڪم ڏيان ٿو، تنهن ۾ نہ تہ ڪجھ وڌائجو ۽ نڪي انهيءَ مان ڪجھ گهٽائجو. اوهين خداوند پنهنجي خدا جي انهن حڪمن تي عمل ڪندا رهجو جيڪي آءُ اوهان کي ڏيان ٿو.“

(شريعت جو دور 2:4)

اهي لفظ توريت شريف ۾ آيل آهن. ان ڪان پوءِ حضرت سليمان فرمائي ٿو تہ:

” جيڪي ڪجھ هن فرمايو آهي تنهن ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ڪريو، متان هو اوهان کي ڇينڀي ۽ اوهين ڪوڙا ثابت ٿيو.“

(ڇو ڏيو ن 6:30)

وري انجيل جليل جي پڇاڙيءَ ۾ تنبيھ ٿي ڪئي وڃي ملاحظہ ڪريو:

" آءُ' يوحنا، هر ڪنهن کي جيڪو هن ڪتاب جون پيشنگوئيون ٻڌي ٿو، آگاهه ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو هنن ۾ ڪو واڌارو ڪندو تہ خدا هن ڪتاب ۾ لکيل آفتون مٿس آڻيندو. جيڪڏهن ڪو هن ڪتاب جي پيشنگوئين مان ڪي ڳالهيون گهٽائيندو تہ خدا زندگيءَ جي وڻ ۽ پاڪ شهر مان، جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ڪيل آهي، انهيءَ شخص جو حصو ڪدي ڇڏيندو."

( مڪاشفو 22:18-19)

حضور عيسيٰ المسيح جي حوارين، سندس ارشاد مطابق سڄي دنيا ۾ انجيل جليل جي پيغام جي تبليغ ڪئي. تنهن جي ڪري عام طور تي عوام بائيبل مقدس جي تعليم کان واقف ٿيو ۽ خاص طور تي مسيحي عقيدي رکندڙ بہ مسيح جي ظهور کان صديون اڳ ۾ عهد عتيق ( پراڻو عهد نامو جنهن ۾ توريت، زبور ۽ نبين جا صحيفا اچي وڃن ٿا) تحريري صورت ۾ موجود هو. پهرين صدي عيسوي ۾ جڏهن انجيل مقدس کي لکيو ويو تہ ان تحرير جا نقل ساري دنيا جي ڪليسيائن وٽ موجود هئا.

فرض ڪريو تہ جيڪڏهن ڪو بدنيت ۽ بي ايمان شخص الله تعاليٰ جي ڪتاب مقدس ۾ لکيل تنبيهہ جي



باوجود بہ قير قار ڪرڻ چاهي تہ دنيا جي لاتعداد بائيبل مقدس جي نسخن ۾ ڪيئن تحريف ڪري سگهي ٿو؟ حضور المسيح هڪڙي هنڌ هيئن بہ فرمايو تہ " زمين ۽ آسمان ٽري ويندا، پر منهنجو ڪلام هر گز نہ ٽرندو."

( متي 24:35)

عهد عتيق (پراڻي عهد نامي) ۾ حضرت يسعياه فرمائي ٿو تہ :

" هر بشر گاهه مثل آهي، انهن جو جتاءُ جهنگلي گلن جيترو آهي. جڏهن انهن تي خداوند پنهنجو واءُ گهلائي ٿو، تڏهن گاهه سڪي وڃي ٿو ۽ جهنگلي گل ڪومائجي ٿو. بيشڪ انسان گاهه کان وڌيڪ جتادار ناهي. هائو، گاهه سڪي وڃي ٿوءِ گل ڪومائجي وڃي ٿو، پر اسان جي خدا جو ڪلام ابد تائين قائم رهندو."

( يسعياه 40:6-8)

انهن فرمودن جي پيش نظر ڇا ڪو انسان خداوند ڪريم جي ڪلام کي بدلائي سگهي ٿو؟

اسان وٽ بائيبل مقدس جا قديم ترين نسخا موجود آهن. انهن سان موجوده بائيبل مقدس جي ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي، تہ جيئن خبر پوي تہ ردوبدل ٿي آهي يا نہ. پادري برڪت الله نالي هڪڙو نامور شخص

تنهن هوندي بہ باالفرض محال هي الزام تسليم بہ ڪجي تہ هن فرضي تحريف جي بابت ڪيترائي سوال لازمي طور پيدا ٿيندا. مثلاً اها ڦير ڦار ڪنهن ڪئي، ڪڏهن ٿي، ڇو ٿي، ۽ ڪٿي ٿي؟

## (1) ڪير؟

سڀ کان پهرين سوال اهو آهي تہ اهي ڪير آهن جن ايڏو وڏو ڏوہ ڪيو؟ عمومًا چيو ويندو آهي تہ يهودين، ۽ عيسائين گڏجي هي ڪم ڪيو، پر ڇا اهو ٿي سگهي ٿو تہ ٻہ اهڙا مخالف فرقا * پاڻ ۾ ملي خدا جي ڪلام ۾ ردوبدل ڪن؟ جيڪڏهن يڪراءِ ٿي اهڙو ڪتو ڪم نہ بہ ڪيو، بلڪ پنهنجي پنهنجي طرفان اهڙو سنگين ڪم ڪيائون تہ پوءِ تاريخ انهن جي انهيءَ حرڪت جي باري ۾ خاموش ڇو آهي؟ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ اهي ٻئي فرقا هڪٻئي کي هيٺائون ڏيکارڻ لاءِ هڪٻئي جي بي ايماني ظاهر ڪن ها. جيتوڻيڪ حضور المسيح يهودين جي رياڪاريءَ کي خوب بي نقاب ڪيو، (مثلاً متي رسول جي معرفت پاڪ انجيل جو 23 باب



ملاحظہ ڪريو)، تڏهن بہ انهن تي اهو الزام مسيح ڪڏهن بہ نہ لڳايو، تہ انهن مقدس ڪتاب ۾ ردوبدل ڪئي آهي. پر انهيءَ جي بر عڪس مسيح موعود انهنَ کي اهو تاڪيد ڪيو تہ مقدس ڪتابن ڏانهن رجوع ڪريو.

هاڻي باقي رهي مسيحي (عيسائي) قوم، تہ ڇا اِها ڳالهہ ويساهہ جهڙي آهي، تہ مسيحي الله تعاليٰ جي صاف ۽ ڪليل تنبيهہ جي باوجود بہ الله جي ڪتاب ۾ ردوبدل جي جرئت ڪري سگهن ٿا؟ ڇا، هو ايترا بي ايمان ۽ نيچ آهن، جو ڄاڻي واڻي پاڪ لکتن کي بگاڙين؟ اها ڳالهہ قطعي خيال ۾ اچي نہ ٿي سگهي، تہ هڪ شخص جنهن ڪتاب کي الله سائين جي طرفان موڪليل تسليم ڪندو هجي ۽ ان جي مٿان ايمان بہ رکندو هجي، انهيءَ ۾ تحريف يا تبديلي بہ ڪري سگهي ٿو!

## (2) ڪڏهن؟

پر جيڪڏهن ڪوئي هي ڪم ڪري به ويو هجي، ته پوءِ وري سوال ٿو اٿي، ته ڪڏهن؟ ڇا پاڪ ڪتاب ستين صديءَ جي وقت کان پهريائين ڦيرايو ويو يا بعد ۾ تبديل ڪيو ويو؟ فرض ڪريو، ته ستين صديءَ جي زماني کان پهريائين ٿي، ته پوءِ ڇا قرآن مجيد هڪ محرف جي تصديق ڪندڙ آهي؟ انهيءَ جي ابتڙ اسين ڏسون ٿا ته قرآن شريف اهل اسلام کي تلقين ڪري ٿو ۽ ان جي تصديق ڪندڙ آهي. باقي رهيو هي امڪان ته شايد ستين صديءَ جي زماني کان پوءِ تحريف ٿي هجي. اسان جو عرض آهي ته دنيا جي مختلف عجائب گهرن ۾ بائيبل مقدس جا هڪ نه پر سوين نسخا اصل زبان ۾ هن وقت به موجود آهن. انجيل مقدس جا سمورا ترجما انهن ئي پراڻن ۽ قديمي نسخن تي مبني آهن، تنهن ڪري اسين لازمي طور تي ان نتيجي تي پهچون ٿا، ته بائيبل مقدس پنهنجي اصلي حالت ۾ اڄ تائين موجود آهي.



## (3) ڇو؟

هي سوال به قابل غور آهي، ته تحريف ڪرڻ سان يهودين ۽ مسيحين ڪهڙو مفاد حاصل ڪرڻ ٿي گهريو؟ اهو ڪم جنهن جو متن الزام لڳايو ويندو آهي، انهن ڇو ڪيو؟ انهن سوالن جا جدا جدا جواب ڏنا ويندا آهن ۽ گهڻو ڪري ائين چيو ويندو آهي، ته انهن آنحضرت جن جي بشارت کي بائيبل مقدس مان متائڻ خاطر اهو ڪم ڪيو. پر ڇا اها ڳالهه قبول ڪرڻ جي لائق آهي ته ڪو ٽولو جنهن جو مقصد ئي صرف اهو آهي ته اهڙي قسم جا حوالا ۽ اشارا متائي ڇڏي اهو ٽولو ايترو ڪچو ڪم ڪندو، جو اهي حوالا ۽ اشارا باقي رهڻ ڏي جن جو مثال اڄ تائين اڪثريت ڏئي ٿي؟ ظاهر آهي ته اها ٻڌ سڌ واري ڳالهه آهي، جنهن جو حقيقت سان ڪو به واسطو نه آهي. جيڪڏهن مسيحين ۽ يهودين جو اهو مقصد هجي ها ته هو مڪمل طور تي پنهنجو ڪم ڪري وڃن ها، ۽ ائين ڪرڻ سان هن خفگان کان بچيا رهن ها.

## (4) ڪٿي؟

جيڪڏهن اڪثريت جي هيءَ دعويٰ مڃي به وڃي، ته بائيبل مقدس ۾ ڦير گهير ٿي چڪي آهي ته پوءِ اهو مناسب نه آهي ته ڇا مقدس ڪتاب جو اصلي قلمي نسخو ڏيکاريو وڃي، ته جيئن ان جي ڀيٽ موجوده زماني جي بائيبل مقدس جي ترجمن سان ڪري فرق معلوم ڪري سگهجي؟ حقيقت هيءَ آهي ته اڪثريت وٽ ڪوئي تصديق ٿيل نسخو موجود ئي نه آهي. دراصل حضور المسيح تي ڪو به انجيل مقدس نازل ئي نه ٿيو آهي جيئن مشهور آهي، ۽ نه ئي عيسيٰ مسيح انجيل تحرير ڪيو. مسيح پاڻ خود مجسم ڪلام هو ۽ سندس هر لفظ وحيءَ جو درجو رکندو هو. حوارين مسيح جي فرمودن ۽ اعليٰ تعليم کي ان زماني جي ادبي ۽ عالمگير زبان يونانيءَ ۾ لکيو. اسان وٽ انهن ئي ابتدائي يوناني مخطوطات جا نقل ۽ ترجما آهن. قرآن شريف پٿرن ۽ چمڙي جي طومارن تي تحرير ڪرايو هو، اها ئي قرآن شريف



جي شروعاتي شڪل هئي. موجوده قرآن شريف انهن تان نقل ڪيل آهي. بهرحال مسيحين ۽ مسلمانن ٻنهي جو انحصار انهن اصلي ۽ ابتدائي ڪتابن جو محض نقلن تي آهي. تنهنڪري انهن جي هيءَ دعويٰ ته انجيل مقدس ۾ فلاڻي آيت هن طرح نه بلڪ هن طرح آهي، يا فلاڻو لفظ هن طرح نه هن طرح آهي، بلڪل بي معنيٰ آهي، ڇو ته انهن اصل انجيل ڏٺوئي نه آهي.

هاڻي نهايت اهم سوال هي آهي، ته جيڪڏهن توريت، زبور، نبين جا صحيفا ۽ انجيل منوره حق تعاليٰ جو ڪلام آهن ته ڇا قادر مطلق، عليم ۽ خبير خدا پنهنجي لا مبدل ڪلام کي محرف ٿيڻ ڏنو؟ ڇا اها ڳالهه ممڪنات مان ٿي سگهي ٿي، جيڪا ڳالهه يهودين ۽ مسيحين به ناممڪن ڪري ڇڏي؟ ڇا دنيا جي خالق ۽ مالڪ خداوند ذوالجلال مسيحين ۽ يهودين جي هٿان (نعوذ باالله) شڪست کاڌي؟ ڇا هو ايترا هوشيار ۽ چالاڪ ثابت ٿيا جو انهن ڪلام جي محافظ کي تحريفي

پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو؟ اهڙي ڪفر آميز نتيجي ڪان تہ اسان جا اعتراضي بہ ڇرڪندا هوندا.

آخر ۾ اسين پنهنجن معزز پڙهندڙن کي درخواست ٿا ڪريون، تہ هو اسان جي گذارش تي سنجيدگيءَ سان غور ڪن، ۽ ٻڌل سڌل ڳالهين تي يقين ڪرڻ جي بدران خود الاهي ڪلام جو اپياس تحقيق ۽ تفتيش ڪن، تہ جيئن نتيجي تي پهچي سگهن. الله تعاليٰ اوهان جي مدد ۽ رهنمائي فرمائي.

( آمين )

**(پورو ٿيو)**



# ڪتاب غلط فهميون

# * سوال نامو *

سوال1: هي ڪتاب توهان کي ڪيئن لڳو؟

.............................................................................................................

.............................................................................................................

سوال2: هي ڪتاب توهان جي لاءِ ڪيئن فائديمند ٿيو؟

.............................................................................................................

.............................................................................................................

سوال3: هن ڪتاب ۾ ڪا بہ پريس جي غلطي يا ڪو مشورو آهي تہ ٻڌايو، جيئن آئنده ايڊيشن صحيح نموني ڇپرائي سگهجي؟

.................................................................................................

.................................................................................................

سوال 4: توهان جي ڪهڙي غلط فهمي هئي، جيڪا هاڻي سمجهه ۾ آئي آهي؟ ان غلط فهميءَ تي (a) نشان هڻو؟

.................................................................................................

.................................................................................................

.................................................................................................

سوال5: ڇا توهان چاهيو ٿا ته توهان کي اسان مفت ڪلام مقدس ۽ نبين سڳورن جي زندگيءَ متعلق ڪورس موڪليون، جيئن توهان وڌيڪ سکي سگهو؟

---------- ها     --------- نه     ---------- في الحال نه

**جيڪڏهن توهان مفت ڪورس ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهان SMS يا اي- ميل يا پوسٽ ذريعي خط لکي به ڪورس گهرائي سگهو ٿا.**



اي ميل لاءِ ايڊريس: pbcihyd@yahoo.com

SMS ۽ موبائل نمبر 0301-3546751

## خط لکڻ لاءِ:

## پي. بي. سي. آئي، پي- او باڪس نمبر 169، حيدرآباد، سنڌ

توهان کي ڪهڙي ايڊريس تي انجيل مقدس جو نسخو موڪليون؟

نالو: .................................................................................

عمر: ...................... ايڊريس: ..........................................................

.................................................................................................

فون: ....................................................................